TRANSLATION DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)

هفتيوار رسالو

# گهٽ ڳالهائڻ جا فائدا

(امير اهلِ سنت جي ڪتاب "گفتگو جا آداب" مان ستين قسط)

- گفتگو جون چار قسمون
- گهر امن جو گهوارو ڪيئن بڻجي!
- ڳالهائڻ وارو ئي پڇتائيندو آهي
- خاموشي جي برڪت سان ديدار مصطفيٰ


شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: گهٽ ڳالهائڻ جا فائدا

ڇاپو پهريون: ربيع الاول 1448هه، آگسٽ 2026ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

بـاني دعوت اسـلامي، حضرت عـلامہ و مولانـا محـمـد اليـاس عطـار قـادري

## امير اهل سُنت

جي ڪـتـاب ”گفتگو جـا آداب“ مـان هڪ قسط .

# گهٽ ڳالهائڻ جا فائدا

**پيشڪش**

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## گهٽ ڳالهائڻ جا فائدا


دعاءِ عطار ........ 1
دُرُود شريف جي فضيلت ........ 1
نافرمانيءَ جو هڪ لفظ بہ دوزخ ۾ پهچائي سگهي ٿو ........ 2
بري صحبت برباد ڪري رکي ڇڏيو ........ 3
گفتگو کي فضوليات کان پاڪ ڪرڻ جو بهترين نسخو ........ 5
دنياوي ڳالهہ وات مان نڪري وڃي تہ ڪجهہ ذِڪرُ الله ڪري وٺندا ڪريو ........ 6
جڏهن رحمت جي توجهہ هٽائي ويندي آهي ........ 7
حسنِ اخلاق ۽ دين جي سمجهہ کان محروم ........ 7
ڳالهائڻ وارو عموماً پڇتائيندو آهي ........ 7
”ڳالهائي ڪري“ پڇتائڻ کان ”نہ ڳالهائي ڪري“ پڇتائڻ ڀلو ........ 8
گهٽي ڳالهائڻ واري کي ندامت ڪٽٽي پوندي آهي ........ 8
جيڪو توري ڳالهائيندو آهي اهو فضول ڳالهين کان بچي ويندو آهي ........ 9
ڪينسر جي مريض صحتياب ٿي وئي ........ 9
ڪا بيماري لا علاج ناهي ........ 10
ڪينسر جو روحاني علاج ........ 11
بيوقوف جيستائين خاموش رهندو آهي سياڻو ناهي ويندو ........ 11
آڌي رات تائين جيڪڏهن سج نہ لهي تہ؟ (واقعو) ........ 11
ڪاش مان گونگو هجان ها ........ 12
ڪاش! هيءَ گونگي هجي ها ........ 12
گهر امن جو گهوارو ڪيئن بڻجي ........ 12
سوشل ميڊيا جي هڪ قابلِ غور پوسٽ ........ 13
سس ننهن جو جهڳڙو سلجهائڻ جو نسخو ........ 13
خاموشيءَ جي برڪت سان ديدارِ مصطفٰي ........ 14
........ 16

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

# گهٽ ڳالهائڻ جا فائدا [1]

## دعاءِ عطار

يا الله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”گهٽ ڳالهائڻ جا فائدا“ پڙهي يا ٻڌي وني اُن کي هميشہ گهٽ ڳالهائڻ ۽ چڱا ڪم وڏيڪ ڪرڻ جي توفيق نصيب فرماءِ ۽ ماءُ پيءُ و خاندان سميت ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرت سيّدُنا اَبو المُظفَّر محمد بن عبدالله خيَّام سَمَرقندي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان رستو وساري وينس، اوچتو هڪ صاحب نظر آيو ۽ انهن چيو: ”مون سان گڏ اچو.“ مان هن سان گڏ هلڻ لڳس. مون کي گمان ٿيو تہ اهي حضرت سيدُنا خضر عَلَيۡهِ السَّلَام آهن. منهنجي پڇڻ تي هن پنهنجو نالو خضر ٻڌايو. هن سان گڏ هڪ ٻيو بزرگ بہ هو، جڏهن مون سندس نالو پڇيو تہ فرمايائون: هي الياس (عَلَيۡهِ السَّلَام) آهن. مون عرض ڪيو: الله پاڪ اوهان تي رحمت فرمائي، ڇا اوهان ٻنهي حضرات سرورِ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات، حضرت محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت

[1] هي مضمون امير اهل سُنت جي ڪتاب ”گفتگو جا آداب“ مان ڪنيو ويو آهي.

ڪئي آهي؟ انهن فرمايو: ها! مون عرض ڪيو: سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻڌل ارشادِ پاڪ ٻڌايو تہ جيئن مان اوهان کان روايت ڪري سگهان. انهن فرمايو تہ اسان رسولِ خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هيئن فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪو شخص مون تي درودِ پاڪ پڙهندو، اللّٰه پاڪ ان جي دل کي تروتازه رکندو ۽ ان جي دل کي منور فرمائيندو ۽ جيڪو شخص مون تي درودِ پاڪ پڙهي ان جي دل مان نفاق ائين پاڪ ڪيو ويندو آهي جيئن پاڻيءَ سان ڪپڙو پاڪ ڪيو ويندو آهي، پڻ جيڪو شخص "صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد" پڙهي تہ ماڻهو ان سان محبت ڪرڻ لڳندا آهن توڙي جو پهريان ان سان نفرت ڪندا هجن، ۽ "صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد" پڙهڻ وارو پاڻ تي رحمت جا ستر (70) دروازا کولي وٺندو آهي. (القول البديع،ص277ملتقطاً)

زمانے والے ستائیں، دُرودِ پاک پڑھو
جہاں کے غم جو رُلائیں، دُرودِ پاک پڑھو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نافرمانيءَ جو هڪ لفظ بہ دوزخ ۾ پهچائي سگهي ٿو

بعضِ اوقات مسلمان بيخياليءَ ۾ اهڙيون پياريون پياريون ڳالهيون ڪري ويهندو آهي، جنهن جي ڪيس پاڻ بہ سُڌِ ناهي هوندي ۽ اللّٰه پاڪ ان کان راضي ٿي چڪو هوندو آهي ۽ ڪو وري لاپرواهيءَ ۾ اهڙي ڪا اجائي ڳالهه زبان مان ڪڍي وجهندو آهي، جنهن جي ڪيس سُڌ بہ ناهي هوندي حالانڪ ان لغو ڳالهه جي نحوست سبب بربادي سندس مقدر بڻجي چڪي هوندي آهي. جيئن تہ حضرت سيّدُنا ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بيشڪ ٻانهو

ڪڏهن الله پاڪ جي رضامندي جو ڪو اهڙو ڪلمو (يعني سينٽينس SENTENCE) چئي ڇڏيندو آهي جو جنهن جي طرف ان جو ڌيان بہ ناهي هوندو، ۽ ان جي ڪري الله پاڪ ان جا ڪيئي درجات (گريڊز GRADES) بلند فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ بيشڪ ٻانهو ڪڏهن الله پاڪ جي نافرماني جو ڪو اهڙو ڪلمو (SENTENCE) چئي ڇڏيندو آهي جو ان جي طرف ان جو ڌيان بہ ناهي هوندو ۽ ان سبب دوزخ ۾ وڃي ڪِرندو آهي. (مشڪوة ج: 2، ص، 189، حديث: 4813)

## بري صحبت برباد ڪري رکي ڇڏيو

اي عاشقانِ رسول! هاڻي دل ڏڪائيندڙ حديث پاڪ بيان ٿي، واقعي زبان سوچي سمجهي استعمال ڪرڻ گهرجي، زبان جي حفاظت جو ذهن بڻائڻ ۾ دعوتِ اسلامي جو نهايت ئي اهم ڪردار آهي، اسان سڀني کي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ رهي ڪري خوب ديني ڪم ڪرڻ گهرجن ۽ هميشہ بري صحبت کان پري رهڻ گهرجي. بري صحبت کان برباد ٿيڻ کان بعد هدايت ملڻ تي عاشقانِ رسول جي بابرڪت صحبت ۾ اچڻ واري هڪ خوش نصيب اسلامي ڀاءُ جي ”مدني بهار“ ٻڌندا. ڪراچي جي علائقي ”گلستانِ جوهر“ جي هڪ اسلامي ڀاءُ بري دوستن جي صحبت جي ڪري بد اخلاقي ۽ گناهن ۾ ڦاسي چڪو هو، انهن کي گانا ٻڌڻ جو تمام گهڻو شوق هو ۽ پوءِ هي شوق ايترو وڌي ويو جو هو مختلف پروگرامن ۾ پاڻ گانا ڳائي ماڻهن کان داد وٺڻ لڳو. ان کان علاوه چَرس پيئڻ انهن جو معمول هو، گناهن جي عادت ايتري تہ وڌي چڪي هئي جو فحش ڳالھائڻ (يعني بي حيائي جون ڳالھيون) ڪرڻ ڪوڙ ڳالھائڻ انهن جي ويجهو چڻ تہ ڪو عيب ئي نہ هو، خوش قسمتي سان 2005 ۾

انهن کي مدينۃُ الاولياء ملتان شريف ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي ٽن ڏينهن جي بين الاقوامي سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ٿي جتي هي غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُاللهِ عَلَيۡه جو مريد پڻ بڻيو، پر اجتماع کان موٽڻ کان بعد هو ٻيهر بري دوستن جي صحبت ۾ وڃي وينو ۽ وري گناهن جو سلسلو جاري ٿي ويو. هڪ ڏينهن اوچتو انهن کي کو ذهني مرض لڳي ويو جنهن سبب کيس سورتِ فاتحہ بہ ياد نہ رهي ۽ هو پنهنجي ئي گهر ۾ ڇرين وانگر رهڻ لڳو، پنهنجي والدين کي پنهنجو دشمن سمجهڻ لڳو، سندس حالت ايتري تہ خراب ٿي وئي هئي جو پنهنجي مرض جي ڪارڻ نہ هو ڪاڏو ڪائي سگهندو هو ۽ نہ سمهي سگهندو هو. آخرڪار انهن کي نفسياتي اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. سندس امڙ کان پنهنجي پٽ جي هيءَ حالت ڏٺي نہ ويندي هئي ۽ اها انهن جي لاءِ ڪثرت سان دعائون ۽ وظيفا ڪندي رهندي هئي، هڪ رات سندس امڙ سائڻ جي خواب ۾ هڪ بزرگ تشريف ڪٺي آيو ۽ ڪجهہ عمل ڪرڻ جو چيائون. سندن امڙ لاڳيتو اهو عمل ڪرڻ لڳي، ان عمل جي برڪت سان آهستہ آهستہ ان اسلامي ڀاءَ جي حالت بهتر ٿيڻ لڳي ۽ هو جسماني طور تي صحتياب ٿيڻ لڳو ۽ اَلۡحَمۡدُلِله! هڪ ڏينهن اهو بہ آيو جو انهن دعوتِ اسلامي جي سنّتن سکڻ سيکارڻ جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو جتي ان کي عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ گناهن کان بچڻ جو ذهن مليو ۽ ديني ماحول اپنائي ورتو ۽ دعوتِ اسلامي جا ديني ڪم ڪندي ڪندي ڊويزن سطح تي مدني انعامات (جنهن کي هاڻي "نيڪ اَعمال" چوندا آهن) جو ذميدار بہ بڻيو .

**اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت!** بيان ڪيل مدني بهار اسان کي دعوتِ فڪر ڏئي رهي آهي تہ اسان پنهنجي صحبتن ۽ دوستين تي نظرِ ثاني ڪريون ، ڪٿي ايئن تہ ناهي جو نيڪ اعمال کان دوري

سبب اسان جي بري دوستي ۽ خراب صحبت هجي!! حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: ”برن جي صحبت فائدو ۽ چڱن جي صحبت نقصان ڪڏهن بہ نہ ٿي ڏئي سگهي. بَنْي واري کان مشڪ نہ ملندي، گرمي ۽ دونهون ئي ملندو. مشڪ (جي خوشبو) واري کان نہ گرمي ملندي نہ دونهون، مشڪ يا خوشبو ئي ملندي.“ وڌيڪ فرمائن ٿا: ”جيترو ٿي سگهي بري صحبت کان بچو جو هي دين ۽ دنيا کي برباد ڪري ڇڏيندي آهي ۽ چڱي صحبت اختيار ڪيو جو ان کان دين ۽ دنيا سنپلجي ويندا آهن. نانگ جي صحبت جان وٺندي آهي. بري يار جي صحبت ايمان برباد ڪندي آهي.“ (مرآۃ المناجیح، ج: 6، ص: 591)

حضرت مولانا روم رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا:

صُحبتِ صالِح تُرا صالِح کُنَد
صُحبتِ طالِح تُرا طالِح کُنَد

(يعني چڱي جي صحبت توکي چڱو ۽ بري جي صحبت توکي برو بڻائي ڇڏيندي) (مثنوی، دفتر اوّل، ص: 22)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## گفتگو کي فضوليات کان پاڪ ڪرڻ جو بهترين نسخو

گفتگو ۾ گهٽتائي آڻڻ جي خواهش مندن جي لاءِ پنهنجي گفتگو کي فضول لفظن ۽ مختلف خرابين کان پاڪ ڪرڻ جي لاءِ ”اِحياءُ العُلوم“ ۾ ڪجهه هن طرح لکيل آهي: گفتگو جا چار قِسم آهن: (1) مڪمل نقصان واري ڳالهه (2) مڪمل فائدي مند ڳالهه (3) اهڙي ڳالهه جيڪا نقصان ڪار بہ هجي ۽ فائدي مند بہ، ۽ (4) اهڙي ڳالهه جنهن ۾ نہ فائدو هجي نہ نقصان. پهرين قسم جي ڳالهه جيڪا مڪمل طور سڄي جو سڄي نقصانڪار آهي ان کان هميشہ بچڻ ضروري آهي ۽

ٽئين قسم واري ڳالهه جنهن ۾ نقصان ۽ فائدو ٻئي آهن، ان کان بہ بچڻ لازم آهي ۽ جيڪا **چوٿين** قِسم آهي اها فضوليات ۾ شامل آهي جو ان ۾ نہ فائدو آهي نہ نقصان، لهٰذا اهڙي ڳالهه ۾ وقت ضايع ڪرڻ بہ هڪ طرح جو نقصان ئي آهي ان کان بعد صرف ٻي قِسم جي ئي ڳالهه رهجي وڃي ٿي يعني ڳالهين مان ٿي حصا (يعني 75 سيڪڙو) قابِل استعمال ناهن ۽ صرف ٻي ڳالهه جيڪا فائدي مند آهي بس اها ئي قابِل استعمال آهي پر هن قابِل استعمال ڳالهه جي اندر نازڪ قسم جي رياڪاري، ڏيکاءُ، غيبت، تهمت، ڪوڙا مبالغہ، ”مان مان ڪرڻ جي آفت“ يعني پنهنجي فضيلت ۽ پاڪيزگي بيان ڪري ويهڻ وغيره وغيره خطرا موجود آهن، وڏيڪ هي تہ فائديمند گفتگو ڪندي ڪندي فضول ڳالهين ۾ وڃي پوڻ پوءِ ان جي ذريعي اجان اڳتي وڌندي الله نہ ڪري هن ۾ گناه تي وڃڻ وغيره جو خوف ۽ دَپُ شامل آهن ۽ انهن خرابين جو شامل هئڻ اهڙو نازڪ آهي جنهن جو اڪثر (ماڻهن کي) علم ناهي هوندو، تنهنڪري اُن قابِلِ استعمال ڳالهه جي ذريعي بہ انسان خطرن ۾ ڦاٿل رهندو آهي. (ڏسو:احياءُ العلوم ج: 3، ص: 138)

## دنياوي ڳالهه وات مان نڪري وڃي تہ ڪجھ ذِڪرُ الله ڪري وٺندا ڪريو

الله پاڪ جا نيڪ ٻانها خالِص دنياوي (غير فضول) ڳالهين کي بہ سٺو نہ سمجهندا هئا، جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا حَماد بِن سَلَمہ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جڏهن ڪا دنياوي ڳالهه ڪري ويهندا هئا تہ ان کان بعد سُبْحٰنَ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَر پڙهندا پوءِ فرمائيندا هئا: ”اسان جا اسلاف (اڳوڻا بزرگانِ دين) ڪنهن مجلس (يعني ويهڪ) ۾ خالص دنياوي ڪلام ڪرڻ سٺو نہ سمجهندا هئا، جيستائين ان سان ڪا نيڪ ڳالهه نہ ملائيندا هئا.“ (تنبيهُ المغترين، ص: 190)

## جڏهن رحمت جي توجه هٽائي ويندي آهي

باتوني شخص کي ته ڏجي وجڻ گهرجي ته ڪتي اللّٰهُ ربُّ العزّت مون کان رحمت جي توجه ته هٽائي نه آهي چڏي! جيئن ته حضرتِ شيخ مَعْروف ڪَرْخي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: انسان جو بيڪار ڳالهيون ڪرڻ الله پاڪ جو ان کي بي مدد ڇڏي ڏيڻ جي سبب ٿيندو آهي. (تنبيهُ المغترين، ص: 190)

## حسنِ اخلاق ۽ دين جي سمجهه کان محروم

منافق دنياداري ۾ ڪيترو ئي عقلمند ڇو نه هجي پر ڇوته هو حسنِ اخلاق ۽ دين جي سمجهه کان محروم هوندو آهي ان ڪري يقيناً اهو بد نصيب ۽ محروم آهي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ گرامي آهي ته منافق ۾ ٻه خصلتون جمع ناهن ٿينديون: (1) حسنِ اخلاق ۽ (2) دين جي سمجهه. (ترمذي، ج: 4، ص: 313، حديث: 2693)

## ڳالهائڻ وارو عموماً پڇتائيندو آهي

هڪ نصيحت ڀري عَربي شعر جو ترجمو آهي: ”عِلم زينَت (يعني خوبصورتي) آهي ۽ خاموشي سلامتي، ۽ جڏهن ڳالهائڻو پئي ته گهٽو نه ڳالهايو. توهان خاموشيءَ تي ڪڏهن شرمندگي نه ڪنئي هوندي. پر ڳالهائي ڪري ڪيئي ڀيرا شرمندگي ڪنئي هوندي.“ (تنبيهُ الغافِلين، ص: 116)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!! واقعي هي حقيقت آهي ته خاموش رهڻ ۾ ندامت (يعني شرمندگي) جو امڪان (يعني CHANCE) تمام گهٽ آهي جڏهن ته هر معاملي ۾ ”ڳالهائي ويهڻ“ جي عادت جي ڪري ڪيئي ڀيرا SORRY چوڻو پوندو ۽ معافي گهرڻي پوندي آهي يا دل ئي دل ۾ افسوس ٿيندو آهي ته ڪاش مون هتي نه ڳالهايو هجي ها ته سنو هو ڇوته منهنجي ڳالهائڻ سان سامهون واري جي گهبراهٽ ختم

تي وئي، سخت بڇڙو پيو، فلاڻو ناراض ٿي ويو، فلاڻي جو چهرو لهي ويو، فلاڻي جي دل ڏکي پئي، پنهنجو امپريشن IMPRESSION به خراب پيو وغيره وغيره. حضرت محمد بن نَضْر حارِثي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه کان ڪيڏي پياري ڳالهه بيان ڪئي وئي آهي: ”گهڻي ڳالهائڻ سان (عزّت ۽) وقار ختم ٿي ويندو آهي.“ (الصمت لا بن ابي الديا مع موسوعه ج 7، ص: 60، قول نمبر: 52)

## ”ڳالهائي ڪري“ پڇتائڻ کان ”نه ڳالهائي ڪري“ پڇتائڻ ڀلو

سچ آهي، ”ڳالهائي ڪري“ پڇتائڻ کان ”نه ڳالهائي ڪري“ پڇتائڻ ڀلو ۽ ”گهڻو کائي ڪري“ پڇتائڻ کان ”گهٽ کائي ڪري“ پڇتائڻ ڀلو آهي جو جيڪو ڳالهائيندو رهندو آهي اهو مصيبتن ۾ ڦاٿل رهندو آهي ۽ جيڪو گهڻي کائڻ جو عادي هوندو آهي اهو پنهنجو مِعْدو تباهه ڪري ويهندو آهي، اڪثر موٽاپي جو شڪار ٿي ويندو ۽ طرح طرح جي بيماري جي وَر چڙهي ويندو آهي، جيڪڏهن جواني ۾ بيمارين کان ڪجهه بچاءُ ٿي به ويو ته جواني کان بعد پوڙهاپ ڪڏهن ڪڏهن ”سڄو مرض“ بڻجي ويندو آهي. گهڻي کائڻ جا نقصانات ۽ موٽاپي جو علاج وغيره ڄاڻڻ جي لاءِ فيضانِ سنّت جِلد پهريون باب ”بُکَ جا فضائل“ جو مطالعو فرمايو.

## گهڻي ڳالهائڻ واري کي ندامت کڻڻي پوندي آهي

بري صحبت برباد ڪندي، بري جڳهه تي وڃڻ وارو بدنام ٿيندو ۽ گهڻو ڳالهائڻ واري کي آخرڪار شرمندگي کڻڻي پوندي آهي. جيئن ته حضرت لُقمان حڪيم رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جي باري ۾ چيو ويو آهي، ان پنهنجي پٽ کي فرمايو: اي پٽ! (1) جيڪو شخص بري ماڻهو جو دوست ۽ ساٿي بڻجندو آهي ان کي سلامتي ناهي ملندي ۽ (2) جيڪو بري جڳهه تي ويندو آهي اهو بدنام ٿيندو آهي ۽ (3) جيڪو پنهنجي زبان جي حفاظت ناهي ڪندو اهو شرمندو ٿيندو آهي. (تنبيهُ الغافِلين، ص: 115)

## جيڪو توري ڳالهائيندو آهي
## اهو فضول ڳالهين کان بچي ويندو آهي

عقلمند جو شان هي آهي تہ سوچي سمجهي ڳالهہ ڪري، پنهنجو وقت فضوليات ۾ ضايع نہ ڪري، پنهنجي معاملن تي پوري توجهہ رکي، هن طرح ان کي فضول ڳالهين جو موقعو ئي ڪتي ملندو! حضرت سيّدُنا اَبو ذر غفاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ مون پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سوال ڪيو تہ ابراهيمي صَحيفن (يعني حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام تي نازل ٿيڻ واري آسماني ڪتابن ۾) ڪهڙا مضامين هئا؟ فرمايائون: اهي سڀ عبرت ۽ نصيحت تي مشتمل هئا (انهن ۾ هي بہ هو)، عقلمند تي لازم آهي تہ پنهنجي زماني جي حالات کان باخبر هجي ۽ پنهنجي زبان جي حفاظت ڪري. ڳالهين ڪرڻ جي بدران ڪم ڪري ۽ ان جو ڪلام فضول ڳالهين تي مشتمل نہ هجي.

(الله والوں کی باتیں، ج: 1، ص: 319، حلية الاولياء ج: 1، ص: 222)

## ڪينسر جي مريض صحتياب ٿي وئي

اَلْحَمْدُ لله! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ بہ چا تہ خوب برڪتون آهن، انهن برڪتن جو اندازو لڳائڻ جي لاءِ هڪ "مدني بهار" پڙهو ۽ جهومو: اُولڊ ڪانپور (الهِند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي خوش بختي جو انهن کي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستگي نصيب ٿي. انهن جي نانيءَ جان جي طبيعت ڪافي ناساز هئي. ڪافي علاج ڪَرايو پر شفا نہ ملي سگهي. ڊاڪٽرن چيو: "هنن کي سرطان (يعني CANCER) آهي ۽ گڏوگڏ هي خبر بہ ٻڌائي ڇڏيائون تہ هي ڪجهہ ڏينهن جي مهمان آهي." ان مايوسي واري خبر سان هو گهٻرائجي ويا، انهن الله ربُّ العزّت جي پروسي تي ناني جان جي صحتيابي جي دعا گهرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي

جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪئي ۽ روئي روئي ڪري دعا ڪئي ”اي الله پاڪ! هتي جيڪو به تنهنجو محبوب (يعني پيارو ٻانهو آهي ان جي صدقي منهنجي پياري ناني جان کي صحت جي نعمت عطا فرماءِ.“ اڳين ڏينهن جڏهن ناني جان جي خدمت ۾ حاضر ٿيا سندس خوشيءَ جي انتها نه رهي چوته اجتماع ۾ عاشقانِ رسول جي درميان گهري ويندڙ دعا جي برڪت ايئن ظاهر ٿي جو سندن ناني جان هاٽي نه صرف ويني هئي بلڪ تندرست ٿي هلي ڦري رهي هئي.

تراشکر مولا دیا مدنی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول
سلامت رہے یاخدا مدنی ماحول | بچے بد نظر سے سدا مدنی ماحول

(وسائلِ بخشش، ص: 647)

## ڪا بيماري لا علاج ناهي

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ هر شيءِ تي قادر آهي، هو چاهي ته ڪينسر به نيڪ ٿي وڃي. يقيناً پوڙهاپ ۽ موت کان سواءِ هر بيماريءَ جو علاج آهي. ها هيءَ ڳالهه الڳ آهي ته ڪيئي بيمارين جو علاج اطِبّا (يعني ڊاڪٽرز) هن وقت تائين دريافت نه آهن ڪري سگهيا. تنهنڪري هي چوڻ جي بدران ته ”فلاڻي مرض جو علاج ناهي“ مناسب هي آهي ته هيئن چيو وڃي ته اسان وٽ ان بيماريءَ جو علاج ناهي يا ڊاڪٽر اجان تائين هن بيماريءَ جو علاج دريافت نه آهن ڪري سگهيا. بهرحال ربُّ پاڪ چاهي ته دوا شفا جو ذرِيعُو بڻجي نه ته عين ممڪن آهي اها ئي دوا موت جو سبب بڻجي وڃي! ۽ هي به اڪثر ڏٺو ويندو آهي ته ماهِر ڊاڪٽر جي طرفان ملڻ واري درست دوا جي باوجود ڪنهن ڪنهن بيمارَ کي مَنْفِي اثر (REACTION) ٿي ويندو آهي.

## ڪينسر جو روحاني علاج

اوّل آخر يارهن ڀيرا دُرودِ ابراهيمي ۽ وچ ۾ ”سورة مَرْيَم“ پڙهي ڪري پاڻيءَ تي دم ڪريو، ضرورت پوڻ تي ٻيو پاڻي ملائيندا رهو، بيمار اهو ئي پاڻي سڄو ڏينهن پيئي، هي عمل چاليهه ڏينهن تائين لاڳيتو ڪندا رهو، اِنْ شَآءَ الله شِفا حاصل ٿيندي. (ٻيو بہ پڙهي ڪري دم ڪري مريض کي پياري سگهي ٿو)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيوقوف جيستائين خاموش رهندو آهي سڃاتو ناهي ويندو

خاموش رهڻ سان ڪڏهن ماڻهن تي رعب ويهندو آهي، ماڻهو عزّت جي نگاهه سان ڏسندا آهن ۽ جيڪو هر وقت ڳالهائيندو رهندو آهي ان جو رعب ختم ٿي ويندو آهي ۽ ان جي ڳالهه جو ”وَزن“ بہ ناهي رهندو جيئن تہ ابراهيم نَخعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جيڪو شخص غور ڪري تہ هو تمام مجلس وارن کان اشرف (يعني شريف ترين) ۽ وڏيڪ رعبدار ان شخص کي لهندو جيڪو اڪثر خاموش رهندو هجي، ڇوتہ خاموشي عالِمَ جي لاءِ زينَت آهي ۽ جاهِلَ جي لاءِ پردو.“ (تنبيه المغترين، ص: 190)

## آڌي رات تائين جيڪڏهن سڄ نہ لهي تہ؟ (واقعو)

اي عاشقانِ رسول! واقعي زبان بند رکڻ سان ساک قائم رهندي آهي، انسان جيئن ئي ڳالهائڻ شروع ڪندو آهي، ان جي ”حالت“ (يعني سمجهداري جي) خبر پئجي ويندي آهي. چون ٿا حضرتِ امام ابو يوسُف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گڏ هڪ شخص ويهندو هو پر ڪڏهن ڪجهہ ڳالهائيندو نہ هو. هڪ ڀيري حضرت امام ابو يوسُف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن کي فرمايو: توهان ڪڏهن ڪو سوال ناهيو ڪندا؟ هميشہ خاموش ئي رهندا آهيو؟ هي

ٻڌي ڪري انھن سوال ڪري ڏنو: ڀلا ھي ٻڌايو تہ روزو ڪڏھن افطار ڪرڻ گھرجي؟ فرمايائون: جڏھن سج لھي وڃي. انھن چيو جيڪڏھن سج آڌيءَ رات تائين لھي ئي نہ تہ؟ ھي سوال ٻڌي ڪري حضرت امام ابو يوسُف رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِ مُسڪرايو ۽ فرمايائون: توھان جو خاموش رھڻ ئي بھتر ھو، مون توھان جي زبان کولرائي ڪري غلطي ڪئي. (تاريخ بغداد، ج: 14، ص: 251)

## ڪاش مان گونگو ھجان ھا

اي عاشقانِ رسول! ڏنو وڃي تہ انتو فائدي ۾ رھندو آھي جو غير عورتون، فلمون، ڊراما، ڪنھن ”ھاف پينٽ“ واري شخص جا کليل گوڏا ۽ رانون ڏسڻ، اَمرَد تي ”مخصوص لذّت“ واري نظر وجھڻ وغيره وغيره گناھن کان بچيل رھندو آھي، اھڙيءَ طرح گونگو بہ زبان جي بيشمار آفتن کان محفوظ رھندو آھي. مسلمانن جا پھريان خليفا، عاشقِ اڪبر، حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ (عاجزيءَ طور) فرمائن ٿا: ڪاش مان گونگو ھجان ھا پر ذڪر اللّٰہ جي حد تائين گويائي (يعني ڳالھائڻ جي صلاحيّت) حاصل ھجي ھا.“ (مرقاةُ المفاتيح، ج: 10، ص: 87)

## ڪاش! ھيءَ گونگي ھجي ھا

”اِحۡيَاءُ الۡعُلُوم“ ۾ آھي: صحابيءِ رسول، حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جڏھن زبان دراز (يعني زياده گفتگو ڪرڻ واري) عورت ڏٺي تہ فرمايائون: جيڪڏھن ھيءَ گونگي ھجي ھا تہ ھن جي حق ۾ بھتر ھو. (احياءِ العلوم، ج: 3، ص: 142)

## گھر امن جو گھوارو ڪيئن بڻجي

اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي پياري صحابي حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي مبارڪ ارشاد مان خاص

ڪري هو اسلامي ڀينرون درس حاصل ڪن جن ڪي فضول ڳالهين، غير ضروري سوالن، بدگمانين ۽ غيبتن وغيره کان فرصت نٿي ملي، اسلامي ڀينرون جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ خاموش رهڻ سکي وڃن ته انهن جون گهريلو پريشانيون، رشتيدارن سان ناچاقيون (يعني جهيڙا)، ۽ سس ننهن جا جهيڙا جهٽا وغيره ڪيئي مسئلا حل ٿي ويندا ۽ سڄو خاندان امن جو گهوارو بڻجي (يعني پُرسڪون ٿي) ويندو ڇو ته گهڻو ڪري گهريلو جهڳڙا زبان جي غلط استعمال جي ڪري ئي ٿيندا آهن.

## سوشل ميڊيا جي هڪ قابلِ غور پوسٽ

سوشل ميڊيا جي هڪ قابل غور پوسٽ معمولي فرق سان پيش ڪئي وڃي ٿي، ڪنهن ڇوڪريءَ پوسٽ ڪئي: جيڪڏهن شاديءَ کان بعد والدين کي گڏ رکڻ جو حق ڌيئرُن کي ملي وڃي ها ته ملڪ ۾ هڪ به ”اولڊ هاؤس“ نه هجي ها. ان تي ڇوڪري به خوب جواب ڏنو ته جيڪڏهن اهي ئي ڌيئون شادي کان بعد سس سهري کي ئي ماءُ پيءُ مڃين ته ملڪ ته ڇا پوري دنيا ۾ هڪ به اولڊ هاؤس باقي نه رهي.

هن پوسٽ ۾ صرف ان عورتن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جيڪي پنهنجي سس ۽ نڻان جي سامهون خوب زبان هلائينديون آهن ۽ گهر جو سڪون ئي ڦٽائي ڇڏينديون آهن، نه ته معاشري ۾ ساهرن ۾ ظلم سهڻ وارين عورتن جو به هڪ وڏو تعداد ملندو.

## سس ننهن جو جهڳڙو سلجهائڻ جو نسخو

سَس جيڪڏهن ڌمڪائيندي هجي ته ”ننهن“ کي گهرجي ته صرف ۽ صرف صبر ڪري، جواب ۾ هڪ لفظ به نه چئي ۽ پنهنجي مڙس کي شڪايت به نه ڪري، منهن به خراب نه ڪري، ۽ پنهنجي ٻارن کي دڙڪا ڏئي يا ٽانوَ وغيره اڇلائي ڪري انهن تي به ڪاوڙ نه ڪڍي ۽ پيڪي (مائٽن

جي گهر) به نه ٻڌائي اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! آهسته آهسته گهريلو مسائل حل ٿي ويندا. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪا ننهن پنهنجي ”سَس“ کان جهڳڙو ڪندي هجي ته سَس ڪي گهرجي ته بلڪل جوابي ڪاروائي نه ڪري صرف خاموشي اختيار ڪري، گهر جي ڪنهن ماڻهوءَ ايستائين جو پنهنجي پٽ ڪي به شڪايت نه ڪري. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! هن چوڻيءَ: ”هڪ چپ سؤ سک“ جي مطابق سُکُ ۾ چين ماڻيندي. جي ها! جيڪڏهن صحيح معنٰي ۾ سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ جي هن ”نسخي“ تي عمل ڪيو ويو ته اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! جلد ئي سس ننهن جو جهيڙو ختم ٿي ويندو ۽ گهر امن جو گهوارو (يعني راحتن پريو) بڻجي ويندو.

## خاموشيءَ جي برڪت سان ديدارِ مصطفٰي

هڪ اسلامي ڀيڻ دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينه جي طرفان جاري ڪيل خاموشيءَ جي اهميت تي مبني سنّتن ڀريي بيان جي آڊيو ڪيسٽ ٻڌي ڪري خاموش رهڻ شروع ڪيو، تن ڏينهن ۾ ئي ان ڪي اندازو ٿي ويو ته ڀهريان اها ڪيتري قدر فضول گفتگو ڪندي هئي! اَلْحَمْدُ لله! خاموشيءَ جي برڪت سان انهن ڪي سنا سنا خواب نظر اچڻ لڳا، فضول ڳالهين کان بچڻ جي ڪوشش جي تئين ڏينهن ان مڪتبة المدينه جي جاري ڪيل سنّتن ڀريي بيان جي هڪ بي ”اطاعت چا ڪي چوندا آهن“ جي نالي آڊيو ڪيسٽ ٻڌي رات جو جڏهن سُتي ته اَلْحَمْدُ لله! ڪيسٽ ۾ بيان ڪيل هڪ واقعو انهن ڪي خواب ۾ نظر اچڻ لڳو! ”جنگ جو نقشو هو، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دشمن جي جاسوسي جي لاءِ پنهنجي پياري صحابي حضرت حُذيفه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪي روانو ڪن ٿا، هُو ڪافرن جي خيمن وٽ پهچن ٿا ته انهن ڪي ڪافرن جو سردار حضرت ابو سفيان (جيڪو اجان مسلمان نه ٿيو هو) بيٺل نظر اچن ٿا،

موقعو ڏسي ڪري حضرت حُذيفه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ڪماڻ تي تير چاڙهي وٺن ٿا ته انهن کي سرڪارِ دوعالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو هي حڪم ياد ايندو آهي ته ”ڪافرن کي خبر نه پئي“ جيئن پنهنجي پياري آقا، مصطفٰي جان رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي اِطاعت (يعني فرمانبرداري) ڪندي تير هلائڻ کان رڪجي وڃن ٿا، پوءِ حاضر ٿي ڪري تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ ڪارڪردگي پيش ڪن ٿا. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ان خواب ۾ ان اسلامي ڀيڻ کي سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ ٻن صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما جي صاف صاف زيارت نصيب ٿي، باقي سڀ منظرَ واضح نظر نه اچي رهيا هئا.“ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! صرف ٽن ڏينهن جي فضول گوئي کان بچڻ جي ڪوشش سان ان کي الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو تمام وڏو ڪرم ٿي ويو، سندن چوڻ هو: بس منهنجي تمنّا آهي ته ڪڏهن به منهنجي زبان مان فضول لفظ نه نڪري.

الله! کروں میں نہ کبھی فالتو باتیں
بس ذِکر میں گزریں مرے دن اور مری راتیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اميرِ اهلِ سنت دامت بَرَکَاتُہُمُ العالیہ جي ڪتاب ”گفتگو جا آداب“ مان هيٺئر ڏنل QR Code اسڪين ڪيو. تائين آيل 6 قسطون ڊائون لوڊ ڪرڻ لاءِ هيٺ

ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net